# نيڪ اعمال جا
# دنياوي فائدا

## 25-May-2023



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

25 مئي، 2023ء تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# نيڪ اعمال جا دنياوي فائدا

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ✿... صديق ۽ فاروق جي محبت جون برڪتون
- ✿... 100 سال جي عمر ۾ بہ جسماني طاقت سلامت
- ✿... غار ۾ ڪير ڪنهن پُڄايو
- ✿... اولاد جي حفاظت جو نرالو انداز

پيشڪش

اَلمَدِينَۃُ العِلمِيہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله — وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله — وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# دُرود شريف جي فضيلت

حضرت سفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان طواف ڪري رهيو هيس ان دوران هڪ شخص کي هر قدم تي دُرُودِ پاڪ پڙهندي ڏٺو ته ان کان پڇا ڪيم: اي ڀاءُ! طواف جي دوران پڙهڻ جون ٻيون دعائون ۽ اذڪار به آهن، انهن جي بدران دُرُودِ پاڪ جو وِرد ڪندا پيا وڃو، هن ۾ ڪهڙو راز آهي؟ ان جواب ۾ چيو: مان پنهنجي والدِ گرامي سان گڏ بيتُ الله جي حج جي ارادي سان نڪتس. سفر دوران منهنجو والد صاحب بيمار ٿي پيو، اُن جو چهرو ڪارو (Black) ٿي ويو، اکيون نيريون ٿي ويون ۽ پيٽ ڦوڪجي ويو هو، مون روئيندي هي پڙهيو: اِنَّالِلّٰه وَاِنَّا اِلَيه رَاجِعُوْنَ (پ۲، البقرة:۱۵۶) (ترجَمو ڪنزالايمان: اسان الله جي مِلڪ آهيون، ۽ اسان کي ان جي طرف موٽڻو آهي) (ٿوري دير کان پوءِ انڌيرو ٿيو ته ان ويراني ۾ منهنجي والد جو انتقال ٿي ويو، پوءِ مون ان جي چهري تي چادر وجهي ڇڏي. اوچتو مون تي ننڊ جو غَلبو اچي ويو ۽ مان سمهي پيس، مون هڪ شخص کي ڏٺو ان کان وڌيڪ حسين وجميل ۽ صاف سٿري لباس وارو مون ڪڏهن نه ڏٺو هو. هو منهنجي والدِ محترم جي ويجهو تشريف ڪٺي آيا ۽ ان جي چهري تان چادر هٽائي پنهنجو مبارَڪ هٿ چهري تي ڦيرڻ لڳا. ته ان جو چهرو کير کان وڌيڪ سفيد ٿي ويو. پوءِ ان شخص پيٽ تي هٿ ڦيريو ته اهو پهريان وانگر ٿي ويو، پوءِ هو موٽڻ لڳا ته مان ٻيهي رهيس ۽ مون ان جي چادر

ڪي پڪڙي پڇيو: ياسَيدِي! الله پاڪ اوهان تي رحم فرمائي، اوهان ڪير آهيو؟ جن جي سبب الله پاڪ منهنجي والدِ محترم تي هن ويراني ۾ احسان فرمايو آهي، ان پڇيو: چا تون مون کي نٿو سڃاڻين؟ مان مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ الله (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) آهيان، تنهنجو پيءُ تمام گهڻو گنهگار هو، پر مون تي ڪثرت سان دُرُودِ پاڪ پڙهندو هو. جڏهن هو هن بيماريءَ ۾ مُبتَلا ٿيو ته مون سان فرياد ڪيائين ۽ بيشڪ جيڪو مون تي ڪثرت سان دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي، مان ان جي فرياد تي پهچندو آهيان. پوءِ مان بيدار ٿيس ته ڏٺم منهنجي والد سڳوري جو چهرو سفيد ۽ چمڪدار ٿي چڪو هو.[1]

گورِ بیکس کو شمع سے کیا کام
قَبر میں خوب کام آتی ہے

ہو چراغِ سَرِ مَزار دُرود
بیکسوں کی ہے یارِ غار درود(2)

وضاحت: يعني بي ڪس ۽ گنهگار کي قبر ۾ شمع جي ضرورت ناهي، ڪاش! قبر ۾ درود پاڪ جا ڏيئا روشن ٿي وڃن. بيشڪ درود قبر جو ساٿي آهي، گنهگارن جو يارِ غار ۽ يارِ مزار دورد شريف آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ سچي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي.[3]

[1] ـــ تفسير روح البيان،پاره:22،سورة احزاب،زيرِ آيت:56 ،جلد:7،صفحه:225 ـ
[2] ... ذوقِ نعت،صفحه:124 -125 ـ
[3] مسند فِردَوس، جلد:4، صفحه:305، حديث:6895ـ

پيارا اسلامي ڀائرو! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ❁ رضاءِ الٰهي جي لاءِ مڪمل بيان ٻڌندس ❁ اَدَب سان ويهندس ❁ بيان دروان سُستي کان بچندس ❁ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ❁ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## محبتِ صديق ۽ فاروق جون برڪتون

حضرت يحيي بن اسماعيل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه فرمائن ٿا: منهنجي هڪ وڏي ڀيڻ هئي، اها بيمار ٿي پئي، ذهني توازن ويندو رهيو، ڪم و بيش 10 سال کان وڌيڪ عرصو انهيءَ آزمائش ۾ مبتلا رهيون، گهر جي ڇت تي هڪ ڪمرو هيو، اها انهيءَ ڪمري ۾ رهندي هئي. هڪ ڏينهن ايئن ٿيو جو مان پنهنجي ڪمري ۾ ستو پيو هيس، اچانڪ ڪنهن دروازو وڄايو. مون پڇيو: ڪير؟ دروازو وڄائڻ واري هڪ عورت هئي، جڏهن ان پنهنجو نالو ٻڌايو تہ مون حيران ٿي پڇيو: منهنجي ڀيڻ؟ جواب آيو: هائو تنهنجي ڀيڻ. اهو ٻڌندي ئي مون جلدي ۾ دروازو کوليو، اڄ 10 سالن کان بعد منهنجي ڀيڻ منهنجي ڪمري ۾ داخل ٿي رهي آهي، ان جو ذهني توازن ڪيئن نيڪ ٿي ويو؟ آزمائش ڪيئن دور ٿي؟ ان جي باري ۾ ٻڌائيندي منهنجي ڀيڻ چيو: مان سُتي پئي هيس، خواب ۾ ڪنهن مون کي چيو: الله پاڪ توهان جي ڏاڏي جي نيڪي جي برڪت سان اوهان جي پيءُ اسماعيل جي حفاظت فرمائي ۽ توهان جي والد اسماعيل جي برڪت سان تنهنجي حفاظت فرمائي. توهان جو ڏاڏو ۽ والد صاحب شيخين ڪريمين(يعني مسلمانن جي پهرين ۽ ٻئين خليفي) حضرت ابوبڪر صديق ۽ عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللهُ عَنْهما

ڪان محبت ڪندا هئا، انهيءَ ڪري حضرت ابوبڪر صديق ۽ عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہ عَنْہما الله پاڪ جي دربار ۾ تنهنجي سفارش ڪئي، هاڻي جيڪڏهن تون چاهين تہ مان دعا ڪيان، الله پاڪ توکي شفا عطا فرمائيندو، جيڪڏهن چاهين تہ صبر ڪر تنهنجي لاءِ جنت آهي. مون چيو: مان تہ جنت چاهيان ٿي، باقي الله پاڪ جي رحمت وسيع آهي، اهو چاهي تہ دنيا ۾ شفاء ۽ آخرت ۾ جنت ٻئي عطا فرمائي ڇڏي. خواب ۾ اچڻ واري چيو: توهان جو ڏاڏو ۽ والد صاحب شيخين ڪريمين رَضِیَ اللّٰہ عَنْہما کان محبت ڪندا هئا، ان جي برڪت سان الله پاڪ توکي شفا بہ ڏني ۽ تنهنجي لاءِ جنت جي بہ بشارت آهي.[1]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! صحابہ جي محبت، اهل بيت جي محبت ۽ صديق ۽ فاروق جي محبت جو ڪهڙو تہ نرالوشان آهي....!!!الله پاڪ اسان کي بہ هيءَ ايماني محبت نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم

کیوں نہ ہو رُتبہ بڑا اَصحاب و اَہلِ بیت کا
ہے خُدائے مصطفےٰ، اَصحاب و اَہلِ بیت کا

فضلِ رَبّ سے دو جہاں میں کامیابی پائے گا
دِل سے جو شیدا ہوا اَصحاب و اَہلِ بیت کا(2)

ہر صَحابیِ نبی!
جنّتی جنّتی

حضرتِ صدیق بھی!
جنّتی جنّتی

سب صَحابیات بھی!
جنّتی جنّتی

اور عُمرِ فاروق بھی!
جنّتی جنّتی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب    صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1] ... مجموع رسائل ابن رجب، جلد:3، صفحه:101۔

[2] ... وسائلِ فردوس، صفحه:35۔

## نيڪي ڪڏهن پراڻي ناهي ٿيندي

پيارا اسلامي ڀائرو! **نيڪ اعمال** دنيا ۽ آخرت ۾ ڀلائي جو ذريعو آهن. نيڪي نديي هجي يا وڏي بهرحال ان جو ڦل ضرور ملندو آهي. ڏسو! حضرت يحيي بن اسماعيل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه جا والد محترم صحابہ ڪرام عَلَيهِم الرِّضْوَان سان محبت ڪرڻ وارا هئا، انهن جي هن محبت، ان نيڪي جي صدقي سندن ڏيءَ کي دنيا ۾ شفاء بہ ملي ۽ آخرت ۾ جنت جي بشارت بہ ڏني وئي. سُبْحٰنَ الله!

ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختار، مڪي مدني سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: "اَلْبِرُّلَا يُبْلٰى وَالْاِثْمُ لَا يُنْسٰى وَالدَّيَّانُ لَا يَمُوتُ فَكُنْ كَمَا شِئْتَ كَمَا تَدِينُ تُدَانُ "يعني نيڪي پرُاڻي ناهي ٿيندي ۽ گناهہ وساريو ناهي ويندو، جزا ڏيڻ وارو (يعني اللّٰہ پاڪ) ڪڏهن فنا نہ ٿيندو، تنهنڪري جيڪو چاهيو بڻجي وڃو، توهان جهڙو ڪندؤ تهڙو ڀريندؤ.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪيترا خوبصورت، دل تي نقش ڪرڻ جهڙا الفاظ آهن، ڪوشش ڪري هنن لفظن کي ياد ڪري دل ۾ ويهاريو. ۞ اَلْبِرُّ لَايَبْلٰى نيڪي ڪڏهن پراڻي ناهي ٿيندي،۞ وَالذَّنْبُ لَايُنْسٰى گناهہ ڪڏهن وساريو ناهي ويندو ۞ وَالدَّيَّانُ لَايَمُوْت ۽ بدلو ڏيڻ واري (الله پاڪ) کي ڪڏهن موت نہ ايندو، ۞ فَكُنْ كَمَا شِئْتَ سو جيڪو چاهيو بڻجي وڃو! كَمَاتَدِيْنُ تُدَانُ جهڙو ڪندؤ تهڙو ڀريندؤ.

## نيڪ اعمال جا دنياوي فائدا

اي عاشقانِ رسول! واقعي حقيقت آهي، نيڪي پراڻي ناهي ٿيندي. هڪ آهي نيڪ اعمال جو اُخروي اجر و ثواب، اُن جو تہ ڪهڙو نہ شان آهي، اللّٰہ پاڪ

[1] ... مصنف عبدالرزاق،كتاب الجامع،جلد:10،صفحہ:189،حديث:20430۔

نيڪ اعمال ڪرڻ وارن مسلمانن جي لاءِ اهڙيون نعمتون تيار ڪري رکيون آهن، جن کي نہ ڪنهن اک ڏٺو، نہ ڪنهن ڪن ٻڌو، نہ ڪنهن دل تي ان جو خيال گذريو. الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَلَاَجْرُ الْاٰخِرَةِ اَكْبَرُ ۘ (پاره:14،سورۂ نحل:41)

ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ آخرت جو ثواب تمام وڏو آهي.

هن سان گڏوگڏ دنيا ۾ بہ نيڪ اعمال جا چڱا نتيجا ڏسڻ جي لاءِ ملن ٿا، قرآن و حديث ۾ نيڪ اعمال جا ڪيئي سارا دنياوي فائدا بہ بيان ٿيا آهن:

## نيڪ اعمال جو دنياوي فائدو

سيپارو: 14 سوره نحل، آيت: 30 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

لِلَّذِيْنَ اَحْسَنُوْا فِيْ هٰذِهِ الدُّنْيَا حَسَنَةٌ ؕ وَلَدَارُ الْاٰخِرَةِ خَيْرٌ ؕ (پاره:14،سورۂ نحل:30)

ترجمو ڪنزالعرفان: جن هن دنيا ۾ ڀلائي ڪئي، انهن لاءِ ڀلائي آهي ۽ بيشڪ آخرت جو گهر سڀ کان بهتر آهي.

تفسير صراط الجنان ۾ آهي: (هن آيت جي هڪ معنيٰ هيءَ آهي تہ) جن ماڻهن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا، انهن کي دنيا ۾ بہ ان جو چڱو اَجر ملندو.[1] هڪ ٻي آيت ۾ آهي:

مَنْ عَمِلَ صَالِحًا مِّنْ ذَكَرٍ اَوْ اُنْثٰى وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَلَنُحْيِيَنَّهٗ حَيٰوةً طَيِّبَةً ۚ (پاره:14،سورۂ نحل:97)

ترجمو ڪنزالعرفان: جيڪو مرد يا عورت نيڪ عمل ڪري ۽ اهو مسلمان هجي تہ اسان ضرور ان کي پاڪيزه زندگي ڏينداسين.

[1] ... تفسير صراط الجنان،پاره:14 ، سورۂ نحل،زيرِ آيت:30،جلد:5،صفحه:306

معلوم ٿيو: نيڪ اعمال جي برڪت سان مؤمن کي دنيا ۾ رزقِ حلال، نيڪ پاڪيزه، پُرسڪون، سُک چين ۽ راحت ۽ آرام واري پاڪيزه زندگي عطا ڪئي ويندي آهي.

## نيڪ اعمال جا ٽي فائدا

حضرت حسن بن صالح رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: نيڪ عمل: (1) بدن ۾ طاقت (2) دل ۾ نور ۽ (3) اکين ۾ روشني پيدا ڪندو آهي جڏهن ته بُرو عمل: (1) بدن ۾ ڪمزوري (2) دل ۾ اونداهي ۽ (3) اکين ۾ انڌائپ آڻيندو آهي.[1]

## 100 سالن جي عمر ۾ به جسماني طاقت سلامت

علامہ اَبو طيّب طَبَري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه، تمام وڏا عالم ٿي گذريا آهن، پاڻ 100 سال کان به وڌيڪ عمر ماڻي، هن عمر ۾ به پاڻ ذهني ۽ جسماني لحاظ کان به تندرست ۽ توانا هئا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان ڪنهن صحت جو راز پڇيو ته فرمايائون: مان جواني ۾ پنهنجي جسماني صلاحيتن کي گناهه کان محفوظ رکيو(پاڻ کي نيڪ اعمال ۾ لڳائي رکيو)، ان جي برڪت سان اَڄ جڏهن مان پوڙهو ٿي ويو آهيان ته الله پاڪ منهنجي جسماني صلاحيتن کي منهنجي لاءِ باقي رکيو.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! هي آهي نيڪ اعمال جو دنياوي فائدو...!! جيڪو گناهن کان بچي ڪري نيڪ اعمال ۾ لڳل رهي، الله پاڪ ان کي صحت ۽ سلامتي واري پُرسڪون زندگي عطا فرمائيندو آهي.

## نيڪ اعمال جو دنياوي فائدو: مشڪلات کان آساني

**نيڪ اعمال** جو هڪ دنياوي فائدو اهو به آهي ته نيڪ اعمال جي برڪت سان

[1] ... حِلْيَةُ الْاَولِياء، جلد:7، صفحہ:385، رقم:10941

[2] ... مجموع رسائل ابن رجب، جلد:3، صفحہ:100

مشڪلات ۾ آساني نصيب ٿي ويندي آهي. الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ مَنۡ یَّتَّقِ اللّٰهَ یَجۡعَلۡ لَّهٗ مِنۡ اَمۡرِهٖ یُسۡرًا ﴿۴﴾
(پاره:28،سورة طلاق:4)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ جيڪو الله کان ڊڄي الله ان جي لاءِ ان ڪم ۾ آساني فرمائي ڇڏيندو.

هڪ ٻي مقام تي الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَ مَنۡ یَّتَّقِ اللّٰهَ یَجۡعَلۡ لَّهٗ مَخۡرَجًا ۙ﴿۲﴾
(پاره:28،سورة طلاق:2)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ جيڪو الله کان ڊڄي الله ان جي لاءِ نڪرڻ جو رستو بڻائي ڇڏيندو.

پيارا اسلامي ڀائرو! هي نيڪ اعمال جو اهم ۽ بنيادي فائدو آهي ته جيڪو ٻانهو نيڪ اعمال ڪندو آهي. الله پاڪ مشڪل وقت ۾ ان جي لاءِ آسانيون پيدا فرمائيندو آهي ۽ اهڙي وقت ۾ جڏهن انسان کي نجات جو ڪو رستو نظر ناهي ايندو، الله پاڪ ان ٻانهي جي لاءِ رستا پيدا ڪري ڇڏيندو آهي.

## نيڪي بُرائي جو رستو روڪي ڇڏيندي آهي

پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: صَنَائِعُ الْمَعْرُوْفِ تَقِيْ مَصَارِعَ السُّوْءِ يعني نيڪ اعمال برائين کان بچائي وٺندا آهن.[1]

## غار ۾ ڪير ڪنهن پُڄايو......؟

اڄ کان تقريباً ٻه سو سال پهريان جو واقعو آهي، عرب جي ڪنهن ڳوٺ جو رهڻ وارو هڪ شخص هيو، جنهن جو نالو اِبْن جُدعان هيو، بهار جي موسم ۾ هڪ ڀيرو اهو پنهنجي اُٺن جي واڙي ۾ آيو ته ڏٺائين: سندس اُٺ ٿلها ۽

[1] ... معجمِ اوسط،جلد:4،صفحه:311،حديث:6086۔

صحتمند ٿي ويا آهن. هڪ ڏاچي ته تمام گهڻي صحتمند هئي، ان ۾ کير به تمام گهڻو لڳل هيو، هي ڏسي ڪري ان شڪر مان مٿو جهڪائي ڇڏيو. پوءِ اچانڪ ان کي سيپاري: 4 سورت آل عمران جي هي آيتِ ڪريمه ياد آئي:

لَنۡ تَنَالُوا الۡبِرَّ حَتّٰى تُنۡفِقُوۡا مِمَّا تُحِبُّوۡنَ ؕ
(پاره:4،سورۃ آلِ عمران:92)

ترجموڪنزالعرفان: توهان هرگز ڀلائي کي حاصل نه ڪري سگهندؤ جيسيتائين خدا جي راهه ۾ پنهنجي پياري شيءِ خرچ نه ڪيو.

ان فيصلو ڪيو ته هن ڏاچي ۽ سندس ٻچي کي خدا جي راهه ۾ صدقو ڪندس. جيئن ته پنهنجي هن فيصلي کي عملي جامو پارائڻ جي لاءِ ان ڏاچي ۽ ٻچي کي ساڻ ڪري پنهنجي پاڙيواري جي گهر ۾ پهتو، هي پاڙيسري انتهائي غريب شخص هيو، ان جون 7 ڌيئرون هيون، اِبن جُدعان دروازو وڄايو، پاڙيسري ٻاهر نڪتو اِبن جُدعان ڏاچي جي مهار پاڙيسري جي هٿ ۾ ڏيندي چيو: ڀاءَ! هي رکو...!! هي منهنجي طرف کان تحفو آهي. پاڙيسري جو چهرو خوشي مان چمڪي پيو، يقيناً ان دل ئي دل ۾ تمام گهڻيون دعائون به ڏنيون هونديون. اِبن جُدعان ڏاچي صدقو ڪري گهر واپس آيو، ڏينهن گذرندا ويا، بهار جي موسم ختم ٿي، گرمي جي موسم اچي وئي، وڻن جا پن ڇڻي ويا، گرمي زور پڪڙڻ شروع ڪيو، صحراء ۾ پاڻي جي قلت ٿي وئي، ماڻهو پاڻي جي هڪ هڪ ڦڙ جي لاءِ ترسڻ لڳا. هن حالت ۾ هڪ ڏينهن اِبن جُدعان پنهنجي پٽن کي ساڻ وٺي پاڻي جي تلاش ۾ نڪري پيو، تمام پري ڪٿي انهن کي زمين جي تهه ۾ هڪ غار نظر آيو، اِبن جُدعا اندازو لڳايو ته ضرور هتي پاڻي هوندو، جيئن ته ان پنهنجي پٽن کي ٻاهر ويهاريو، پاڻ غار ۾ اندر لٿو، اُميد ته هئي ته پاڻي ملندو پر هتي پاڻي نه بلڪ گپ هئي، اِبن جُدعان انهيءَ گپ ۾ ڦاسي پيو، پٽ ٻاهر ويهي انتظار ڪري رهيا هئا ته ڪڏهن تو بابو اچي، جڏهن ڪافي وقت

گذري ويو، اِبن جُدعان واپس نہ آيو تہ پٽ سمجهي ويا تہ سندن والد صاحب هاڻي زنده ناهي بچيو، اهو زمين جي هيٺ غار ۾ ڪٿي ڦاسي مري ويو آهي.

پٽ آسرو لاهي واپس موٽيا، واپس اچي پيءُ جي ملڪيت جي ونڊ ورڇ ڪرڻ لڳا، انهيءَ دوران انهن کي ياد آيو تہ اِبن جُدعان هڪ ڏاچي پاڙيسري کي تحفي ۾ ڏني هئي، لالچي پٽ ڏاچي واپس وٺڻ جي لاءِ پاڙيسري جي گهر پهتا، جڏهن پاڙيسري سڄو واقعو ٻڌو تہ ڏاچي انهن جي حوالي ڪري پاڻ پنهنجي مُحسن جي ڳولها ۾ نڪري پيو، جڏهن اهو پاڙيسري انهيءَ غار وٽ پهتو، جتي اِبن جُدعان غائب ٿي ويو هو تہ اهو پنهنجي مُحسن جي مدد جي لاءِ غار اندر لٿو، اندر تمام گهٽي اونداهہ هئي، گپ بہ هئي، پوءِ بہ اهو اڳتي وڌندو ويو، اوچتو ان کي ڪنهن جي ساهہ کڻڻ جو احساس ٿيو، اُن اونداهي ۾ هٿ پير هنيا تہ هي ڪو انساني بدن هيو، ان اِبن جُدعان کي آواز ڏني، اِبن جُدعان اڃا زنده هيو، پاڙيسري پنهنجي مُحسن جي مدد ڪئي ۽ ان کي غار مان ڪڍي ڪري گهر آندو، گهر اچي ڪري ان پڇيو: اي اِبن جُدعان! تون اُن غار ۾ تقريباً هڪ هفتو بند رهين، ايترا ڏينهن تون بغير کائڻ پيئڻ جي زنده ڪيئن رهين؟ اِبن جُدعان چيو: انڌيرو تمام گهڻو هيو، مون کي ڪجهہ نظر تہ نہ آيو، البت روزانو منهنجي وات جي قريب کير جو هڪ پيالو ايندو هيو، مان ان کي پي وٺندو هيس، انهيءَ سهاري زنده رهيس پر گذريل ٻن ڏينهن کان خبر ناهي ڇو اهو کير جو پيالو اچڻ بند ٿي ويو هيو. پاڙيسري چيو: مان سمجهي ويس، تو مونکي ڏاچي تحفي ۾ ڏني هئي، 2 ڏينهن پهريان تنهنجا پٽ اها ڏاچي مون کان واپس وٺي ويا. توهان جي ڏنل ڏاچي جو کير اسان غريب اُتي پيئندا هئاسين، ان جو بدلو توکي هِتي غار ۾ ملي رهيو هيو.

مجھے ایسے عمل کی دے توفیق | کہ ہو راضی تری رضا یاربّ![1]

[1]... ذوقِ نعت، صفحہ:85۔

اي عاشقانِ رسول! هيءُ آهي نيڪ عمل جو دنياوي فائدو، اسان جيڪو بہ نيڪ عمل ڪيون ٿا اهو ڪڏهن ويساريو نہ ويندو، نيڪي بُري وقت ۾ ڪم اچي ويندي آهي. انهيءَ ڪري اسان کي ڪثرت سان نيڪ اعمال ڪرڻ گهرجن.

## آل، اولاد جي حفاظت

نيڪ اعمال جا ٻيا بہ ڪوڙ سارا دنياوي فائدا آهن، مثلاً ❁ نيڪ اعمال جي برڪت سان دشمنن کان حفاظت ڪئي ويندي آهي. ❁ نيڪ اعمال جي برڪت سان زمين ۽ آسمان جون برڪتون نصيب ٿينديون آهن. ❁ نيڪ اعمال جي برڪت سان غربت ۽ محتاجي کان نجات ملندي آهي. ❁ نيڪ اعمال جي برڪت سان عمر ۾ اضافو ٿيندو آهي. ❁ نيڪ اعمال جي برڪت سان قُوت ارادي مضبوط ٿيندي آهي. ❁ نيڪ اعمال جي برڪت سان عزت وڌندي آهي. ❁ الله پاڪ مخلوق جي دل ۾ نيڪ ٻانهي جي محبت وجهي ڇڏيندو آهي. ❁ ۽ هڪ نهايت اهم فائدو هي آهي تہ **نيڪ اعمال** جون برڪتون صرف نيڪيون ڪرڻ واري تائين محدود ناهن رهنديون بلڪ ان جي صدقي ۾ ان جي آل، اولاد کي بہ برڪتون نصيب ٿينديون آهن.

## يتيمن جي خزاني جي حفاظت

قرآنِ ڪريم ۾ حضرت موسيٰ ۽ حضرت خضر عَلَيهما السَّلام جو واقعو موجود آهي، حضرت موسيٰ ۽ حضرت خضر عَلَيهما السَّلام ڪنهن وسندي کان گذري رهيا هئا، حضرت خضر عَلَيه السَّلام هڪ ديوار ڏني جيڪا ڪِرڻ واري هئي، پاڻ ان ديوار کي سِڌو ڪري ڇڏيو. حضرت موسيٰ عَلَيه السَّلام جڏهن ان جي حڪمت پڇي تہ فرمايائون:

وَ اَمَّا الْجِدَارُ فَكَانَ لِغُلٰمَيْنِ يَتِيْمَيْنِ فِي الْمَدِيْنَةِ وَ كَانَ تَحْتَهٗ كَنْزٌ لَّهُمَا وَ كَانَ اَبُوْهُمَا صَالِحًا ۚ فَاَرَادَ رَبُّكَ اَنْ يَّبْلُغَاۤ اَشُدَّهُمَا وَ يَسْتَخْرِجَا كَنْزَهُمَا ۖ رَحْمَةً مِّنْ رَّبِّكَ ۚ
(پاره:16، سورۂ ڪهف:82)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ بهرحال ديوار (جو جيستائين تعلق آهي) تہ اها شهر جي ٻن يتيم ڇوڪرن جي هئي ۽ ان ديوار جي هيٺان انهن ٻنهيء جو خزانو هو ۽ انهن جو پيءُ نيڪ ماڻهو هو سو تنهنجي ربّ چاهيو تہ اهي ٻئي پنهنجي جواني کي پهچن ۽ پنهنجو خزانو ڪڍن (هي سڀ) تنهنجي ربّ جي رحمت سان آهي.

اللّٰهُ اڪبر! پيارا اسلامي ڀائرو! اندازو ڪيو! ڪهڙي ڪرم نوازي آهي، هڪ ديوار آهي، ان جي هيٺان يتيم ٻارن جو خزانو دفن آهي، اللّٰه پاڪ پنهنجي نبي حضرت خضر عَلَيهِ السَّلَام کي موڪليو تہ ان ديوار کي درست ڪن تہ جيئن يتيم ٻارن جي خزاني کي نقصان نہ پهچي، اُن تي هيءُ ڪرم ڇو ٿيو؟ انڪري جو

ڪَانَ اَبُوْهُمَا صَالِحًا ۚ
(پاره:16،سورۂ ڪهف:82)

ترجمو ڪنزالعرفان: انهن جو پيءُ نيڪ ماڻهو هو.

عالم سڳورا فرمائن ٿا: ان نيڪ شخص جو نالو **ڪاشِح** هيو ۽ هي انهن يتيم ٻارن جو انين يا ڏهين پشت ۾ والد هيو.[1]

سُبْحٰنَ اللّٰه! هي آهي نيڪ اعمال جي برڪت....!! پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: انسان جي نيڪ هجڻ جي ڪري اللّٰه پاڪ سندس اولاد جي اولاد جي بهتري فرمائي ڇڏيندو آهي ۽ ان جي نسل بلڪ ان جي پاڙيسرين جي بہ رعايت فرمائيندو آهي.[2]

[1] ... تفسير صراطُ الجنان،پاره:16 ،سورۂ ڪهف،زيرِ آيت:82 ،جلد:6،صفحه:25۔
[2] ... تفسيرِ خازن،پاره:16،سورۂ ڪهف،زيرِ آيت:82 ،جلد:3،صفحه:174۔

## اولاد جي حفاظت جو نرالو انداز

حضرت سعيد بن مُسَيّب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي پٽ کي فرمائيندا هئا: پٽ! مان توهان جي ڪري گهٽيون نمازون پڙهندو آهيان ته جيئن الله پاڪ انهن نمازن جي صدقي تنهنجي حفاظت فرمائي.[1]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ❁ اسان به پنهنجي اولاد جي حفاظت ڪندا آهيون. ❁ انهن جي لاءِ فڪر مند رهندا آهيون. ❁ ٻار پيدا ٿيندو آهي بلڪ ان جي پيدا ٿيڻ کان پهريان ئي ان جي روشن مستقبل جا خواب ڏسڻ شروع ڪندا آهيون. ❁ اسان جو ٻار محتاج نه ٿي. ❁ ان کي ڪنهن شيءِ جي ڪمي نه رهي. هي وڏو انسان بڻجي. ❁ ان کي ٻين جي ٺڪڙن تي نه رهڻو پئي. ❁ ان جي لاءِ پلاننگ ڪندا آهيون. ❁ اولاد ملڻ کان بعد انسان پهريان کان وڌيڪ ڪمائڻ شروع ڪندو آهي. سني ڳالهه آهي، اولاد جي لاءِ فڪرمند هجڻ گهرجي پر بزرگن جا انداز ڏسو ڪهڙا نرالا آهن....! ٻار آفتن، بلائن، مصيبتن، تنگدستن، محتاجين کان محفوظ رهي، الله پاڪ ٻار جي حفاظت فرمائي، هن مقصد جي لاءِ حضرت سعيد بن مُسيّب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نمازون وڌيڪ پڙهندا هئا. سُبْحٰنَ الله! ڇا ته شان آهي.....!!

الله پاڪ اسان کي به توفيق نصيب فرمائي. ❁ الله پاڪ اولاد جي نعمت سان نوازيو آهي، هاڻي 2 نفل وڌيڪ پڙهڻ شروع ڪيو. ❁ صدقو ڪندا هيؤ ته هاڻي صدقي جي رقم وڌائي ڇڏيو. ❁ 1 سيپارو تلاوتِ قرآن ڪندا هيؤ ته هاڻي به ڪرڻ شروع ڪيو. ❁ ٻار جي نالي جون نيڪيون ڪرڻ شروع ڪيو ته جيئن

[1] ... مجموع رسائل ابن رجب، جلد:3، صفحه:100

الله پاڪ هن دنيا ۾ به اسان جي اولاد جي حفاظت فرمائي، اسان جي اولاد کي اسان جي حق ۾ نيڪ بڻائي ۽ آخرت ۾ به ان کي سرخرو فرمائي.

عمل کا ہو جذبہ عطا یاالٰہی!
گناہوں سے مجھ کو بچا یاالٰہی!
میں پانچوں نمازیں پڑھوں باجماعت
ہو توفیق ایسی عطا یاالٰہی!
میں پڑھتا رہوں سنّتیں، وقت ہی پر
ہوں سارے نوافِل ادا یاالٰہی![1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! شيخ طريقت، اميراهل سنت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه اڄ جي هن پرفتن دور ۾ نيڪ اعمال جو پابند بڻجڻ جي لاءِ نهايت پيارو ۽ انمول نسخو عطا ڪيو آهي، اسلامي ڀائرن جي لاءِ 72 نيڪ اعمال، اسلامي ڀينرن جي لاءِ 63 نيڪ اعمال، شاگردن جي لاءِ 92 نيڪ اعمال. اچو! هنن نيڪ اعمال مان ڪجھ جا دنياوي فائدا ٻڌون ٿا.

## چڱي نيت جا ٿي دنياوي فائدا.

72 نيڪ اعمال ۾ پهريون نيڪ عمل آهي: ڇا توهان ڪجھ نہ ڪجھ جائز ڪمن کان پهريان گهٽ ۾ گهٽ هڪ چڱي نيت ڪئي؟ چڱي نيت جا اُخروي لحاظ کان تہ فائدا ئي فائدا آهن، دنياوي لحاظ کان بہ هن جا ڪيئي فائدا آهن.

## (1) مثبت سوچ ملندي آهي

جديد سائيڪالوجي(علمِ نفسيات) جي مطابق دنيا جي ڪنهن بہ ڪم ۾ ڪاميابي، ترقي ۽ عروج جي لاءِ هڪ انسان جي اندر جيڪي صفتون هجڻ

[1]... وسائلِ بخشش،صفحہ:102۔

ضروري آهن، انهن مان هڪ اهم ۽ بنيادي صفت هي آهي ته پاڻهو **مثبت سوچ** جو مالڪ هجي. منفي سوچ رکڻ وارو پهريان ته ڪامياب ٿيندو ئي ناهي. جيڪڏهن ان کي ڪاميابي ملي به وڃي ته اهو پنهنجي ڪاميابي کي سنڀالي ناهي سگهندو. انهيءَ ڪري مثبت سوچ هجڻ دنيا ۾ ڪاميابي جي لاءِ بنيادي شرط آهي.

چڱي نيت جو اهم ترين فائدو هي آهي ته چڱين نيتن جي عادت جي برڪت سان مثبت سوچ نصيب ٿي ويندي آهي. چڱي نيت اصل ۾ آهي ڇا؟ چڱي نيت ڪنهن به ڪم سان مثبت وابستگي آهي. اسان ڪوبه ڪم ڪرڻ کان پهريان ان ڪم جو ڪو چڱو پهلو تلاش ڪندا آهيون، پوءِ ان چڱي پهلو کي ذهن ۾ آڻي، ان چڱي پهلو کي پنهنجو مقصد بڻائي ڪري اهو ڪم ڪندا آهيون اها ئي مثبت سوچ آهي.

مثال طور: هڪ ٻار آهي، اهو *B.A/ M.A /PHD* وغيره ڪرڻ چاهي ٿو پر ان جا والدين ان کي درس نظامي (يعني عالم ڪورس) ۾ داخل ڪرائي ڇڏين ٿا، هاڻي اهڙي صورتحال ۾ عام طور تي ٻار والدين جي سامهون مجبور ٿي ڪري اهو ڪم ته ڪندا آهن پر ذهني طور تي باغي رهندا آهن، ٿائم پاس ڪندا آهن ۽ دل لڳائي ڪري پوري محنت ناهن ڪري سگهندا. جيڪڏهن اهو ٻار هڪ چڱي نيت ڪري ته **مان پنهنجي والدين جي اطاعت ڪندي، انهن کي خوش ڪري الله پاڪ جي رضا جي لاءِ درس نظامي ڪيان ٿو.** هي هڪ چڱي نيت ان کي مثبت بڻائي ڇڏيندي، هن جو سڄو مائنڊ سيٽ تبديل ٿي ويندو، هاڻي ان جي پڙهائي ۾ دل به لڳندي، شوق به پيدا ٿيندو ۽ اهو دل لڳائي ڪري محنت سان پڙهائي به ڪندو ۽ وقت جي بربادي کان به بچي ويندو.

## تربيت اولاد جي هڪ چڱي نيت

انهيءَ طرح علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: والد صاحب کي گهرجي ته اولاد جي

پروش هن نيت سان ڪري تہ منهنجو پٽ يا ڌيءَ قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ڪندا.[1]

اوهان هيءَ نيت ڪري ڏسو! اسان صحيح معنيٰ ۾ هي چڱي نيت ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون تہ هي نيت ٿيندي ئي مائنڊ سيٽ فوراً مثبت ٿي ويندو، ٻار جي محبت پهريان بہ دل ۾ آهي، هاڻي مزيد وڌي ويندي، ٻار جي متعلق جيڪي خواب ڏٺا آهن، ان جي مستقبل جي باري ۾ جيڪا پلاننگ ڪئي آهي، اها تمام مثبت ٿي ويندي

انهيءَ طرح چڱي نيت جي برڪت سان اسان ڪيئي پريشانين سان بچي سگهون ٿا، چڱي نيت جي برڪت سان اسان جو معاشرو امن ۽ سلامتي جو گهوارو بہ بڻجي سگهي ٿو، جڏهن بہ ڪنهن عزيز، رشتيدار يا دوست احباب سان ملاقات ڪرڻي هجي، ان ملاقات جي لاءِ بہ چڱيون چڱيون نيتون ڪيو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! لڙائي جهڳڙن کان گهڻي حد تائين محفوظ رهندا.

بدقسمتي کان اسان جي معاشري ۾ ايئن ٿيندو آهي، جڏهن ڪو عزيز، رشتيدار پنهنجي خوشي ٻڌائيندو آهي تہ اهڙا ماڻهو بہ هوندا آهن جن جي چهري تي خوشي جا آثار هوندا آهن، زبان تي مبارڪباد هوندي آهي پر دل ۾ حسد جي باهہ ٻري رهي هوندي آهي، يا جڏهن ڪو رشتيدار پنهنجي غم جي داستان ٻڌائيندو آهي تہ سامهون واري جي چهري تي پريشاني، زبان تي تسلي هوندي آهي پر دل ۾ خوش ٿي رهي هوندي آهي تہ چڱو ٿيو، مون سان فلاڻي وقت هيئن ڪيو هيائين، اڄ هن سان بہ ايئن ٿيو. هي انداز اسان وٽ عام ٿي ويو آهي.

جيڪڏهن اسان پنهنجي رشتيدارن سان ملندي وقت سنيون سنيون نيتون ڪرڻ جي عادت وجهون، مثلاً اسان نيت ڪيون، الله پاڪ جي رضا ماڻڻ ۽

[1] ... حاشيہ شيخ زاده على تفسيرِ بيضاوی،پاره:19،سورۂ شعراء،زيرِ آيت:88 ،جلد:6،صفحہ:347

ثواب ڪمائڻ جي لاءِ صله رحمي ڪندس، جيڪڏهن انهن جي طرفان تڪليف پهتي ته صبر ڪندي صله رحمي جاري رکندس.

اوهان پاڻ غور فرمايو: جيڪڏهن اسان پنهنجي پائرن، رشتيدارن وغيره سان ملڻ وقت هيءَ نيت ڪيون، پهريان ڪان ئي نيڪي ۽ الله پاڪ جي رضا ماڻڻ جو ذهن بڻائي ونون ته ڇا هاڻي اسان جو ضمير گوارا ڪندو ته اسان انهن جي باري ۾ ڪو منفي پهلو سوچون، سامهون واري ڪان ويڙهه ڪيون، ان جي خلاف دل ۾ بغض ۽ حسد جون ڪيفيتون پاليون، نه....!!! اسان جو ضمير گوارا نه ڪندو.

خبر پئي، جيڪڏهن اسان چڱين نيتن جي عادت بڻائي ونون ته ان جي برڪت سان اسان حسد، جلن، بغض، شماتت (يعني ڪنهن جي نقصان تي خوشي جو اظهار ڪرڻ)، فضول غمن ۽ پريشانين ڪان گهڻي حد تائين بچي ويندا سين، لڙائي جهڳڙن ڪان به اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! حفاظت ٿيندي ۽ نتيجو اهو نڪرندو ته معاشرو امن ۽ سلامتي جو گهوارو بڻجي ويندو،

## (2) نعمت زحمت بڻجي ويندي آهي

اسان ڪي هن دنيا ۾ ڪيئي پلايون، ڪاميابيون ملنديون آهن پر هر چڱي نظر ايندڙ شيءِ، هر هڪ جي حق ۾ نعمت ئي هجي، هي ضروري ناهي، دنياوي ڪاميابي، مال، دولت، صحت، عهدو ۽ منصب زحمت به بڻجي ويندا آهن. ڏسو! فرعون بادشاهه هيو، ڇا هي بادشاهي ان جي حق ۾ نعمت هئي؟ نه....! قارون تمام وڏو مالدار هيو، جيترو مال ان وٽ هيو، شايد اڄ دنيا ۾ ڪنهن وٽ ايترو مال نه هجي پر ڇا هي مال ۽ دولت ان جي حق ۾ نعمت هئي؟ نه....!! هي ان جي حق ۾ زحمت هئي.

جيڪڏهن اسان چڱي نيتن جي عادت بڻايون ته ان جي برڪت سان اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دنيا ۾ ملڻ واريون نعمتون، ڪاميابيون زحمت بڻجڻ کان محفوظ ٿي وينديون. ڏسو! دنيا جي لاءِ ڪمايل مال آخرت ۾ هلاڪت جو سبب آهي، جيڪڏهن اسان مال ڪمائڻ ۾ چڱي نيت ڪيون ته اهوئي مال آخرت ۾ نجات جو ذريعو بڻجي ويندو.

## هي الله پاڪ جي رستي ۾ آهي

معجم صغير جي روايت آهي: هڪ ڏينهن صبح سوير حضور سيد عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهم سان گڏ تشريف فرما هئا ته هڪ طاقتور ۽ مضبوط جسم وارو نوجوان روزگار جي لاءِ ويندي اتان کان لنگهيو، صحابہ ڪرام ان کي ڏسي عرض ڪيو: ڪاش! هن جي جواني ۽ طاقت الله پاڪ جي راه ۾ خرچ ٿئي ها. ان تي رحمت عالم، نور مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ايئن نہ چئو! چوته جيڪڏهن هُو محنت ۽ ڪوشش انهيءَ لاءِ ڪري ٿو ته پاڻ کي سوال ڪرڻ کان بچائي ۽ ماڻهن کان بي پرواه ٿي وڃي ته اهو يقيناً الله پاڪ جي راه ۾ آهي ۽ جيڪڏهن اهو پنهنجي ضعيف والدين ۽ ڪمزور اولاد جي لاءِ محنت ڪري ٿو ته تڏهن بہ اهو الله پاڪ جي راه ۾ آهي ۽ جيڪڏهن اهو فخر ڪرڻ ۽ مال جي واڌاري جي لاءِ ڀڄ ڊوڙ ڪري ٿو ته اهو شيطان جي راه ۾ آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! معلوم ٿيو، چڱي نيتن جا جيڪي اُخروي انعام ملندا، اهي ته اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ضرور ملندا، ان سان گڏوگڏ چڱي نيت جو دنياوي فائدو هي آهي ته ان جي برڪت سان معاملا سڌري ويندا آهن، دل کي بي نيازي ملي ويندي آهي ۽ دنيا جو نفعو بہ نصيب ٿيندو آهي.

---

[1] ... معجم ِصغير، صفحہ:648، حديث:940 ملتقطاً

## (3) جهڙي نيت تهڙي مراد

پيارا اسلامي ڀائرو! چڱي چڱي نيتن واري نيڪ عمل جو هڪ ٻيو دنياوي فائدو عرض ڪيان: **جهڙي نيت تهڙي مراد**. چڱي نيت جو هڪ دنياوي فائدو اهو بہ آهي تہ چڱي نيت جي برڪت سان الله پاڪ چاهي تہ مراد نہ صرف پوري ٿيندي آهي بلڪ چڱي طرح پوري ٿيندي آهي. جيڪڏهن نيتن ۾ خرابي اچي وڃي تہ اسان جون مرادون پوريون ٿين يا نہ ٿين، پر نقصان ضرور ٿيندو آهي.

## ڪمند جو ٿڌو مٺو رس

شيخ طريقت، امير اهل سنت، حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي ڪتاب نيڪي جي دعوت ۾ چڱي نيت جون برڪتون بيان ڪندي لکن ٿا: هڪ ڀيري ايران جو هڪ بادشاهہ ڪِسريٰ! پنهنجي لشڪر کان وڇڙي ڪنهن باغ جي دروازي تي پهتو، ان پيئڻ جي لاءِ پاڻي گهريو تہ ننڍي ڇوڪريءَ ڪمند جو ٿڌو مٺو رس ڪڍي آئي، بادشاهہ ان کي پيتو تہ تمام لذيذ هو، ان ڇوڪريءَ کان پڇيو تہ ڪيئن ناهين ٿي؟ ان ٻڌايو تہ هن باغ ۾ تمام اعليٰ درجي جو ڪمند ٿيندو آهي، اسان پنهنجي هٿن سان ڪمند نپوڙي رس ڪڍندا آهيون! بادشاهہ هڪ ٻي گلاس جي فرمائش ڪئي تہ اهو ڪڍڻ وئي، تہ ان مهل بادشاهہ جي نيت خراب ٿي وئي ۽ ان طئي ڪيو تہ مان هي باغ زبردستي وٺي انهن کي ٻيو باغ ڏيندس. ايتري ۾ اها ڇوڪريءَ روئيندي آئي ۽ چوڻ لڳي: اسان جي بادشاهہ جي نيت خراب ٿي وئي آهي، بادشاهہ چيائين: تو کي ان جي خبر ڪيئن پئي؟ چوڻ لڳي تہ پهرين آساني سان رس نڪري ويندو هو پر هينئر تہ خوب زور لڳائڻ جي باوجود بہ رس نہ

ڪدي سگهيس. بادشاهه فوراً باغ کسڻ جي نيت ترڪ ڪئي ۽ چيو: هڪ پيرو وري وجي ڪوشش ڪر، پوءِ هو وئي ۽ آسانيءَ سان رس ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي.[1]

الله اڪبر! غور ڪيو! نيت ڪيتري اثر انداز ٿيندي آهي، جيڪڏهن اسان چڱي نيت ڪيون ته اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! اسان جون مرادون چڱي طرح پوريون ٿينديون. الله پاڪ اسان کي هر نيڪ ۽ جائز ڪم کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## نماز جا دنياوي فائدا

72 نيڪ اعمال مان پيو نيڪ عمل آهي: ڇا اڄ اوهان پنج ئي نمازون جماعت سان ادا ڪيون؟

نماز ته دنياوي ۽ اُخروي ڪاميابين جي ڪنجي آهي. نماز پڙهڻ جا اُخروي فائدا جيڪي آهن اُهي ته پنهنجي جڳهه تي قائم آهن دنياوي فائدا به ايترا آهن جو انهن جي ڳڻپ نٿي ٿي سگهي.

## (1) نماز جا معاشرتي فائدا

❁ نماز هڪ شُڪر آهي ۽ شڪر جي برڪت سان نعمتن ۾ اضافو ٿيندو آهي.
❁ نماز هر مسلمان تي فرض آهي، جيڪو پنج ئي نمازون پابندي سان ادا ڪرڻ جي عادت بڻائي وٺي، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! فرض شناس ٿي ويندو. ❁ لاپرواهي. ❁ سستي ❁ ۽ ڪاهلي جي آفت کان بچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو. ❁ جديد سائيڪالوجي (علم

---

[1] ... حياة الحيوان الكبريٰ ج 1 ص 216،

نفسيات) جي مطابق ڪنهن به ڪم ۾ ڪاميابي جي لاءِ مضبوط قوتِ ارادي هجڻ نهايت ضروري آهي، جنهن جي قوت اِرادي مضبوط نه هجي، ان جو حال اهڙو ٿي ٿيندو آهي.

ارادے باندھتاہوں،سوچتاہوں، توڑ دیتاہوں | کہیں ایسانہ ہو جائے، کہیں ویسانہ ہو جائے

يعني جنهن جي قوتِ اِرادي مضبوط نه هجي، اهو دربدر رهندو آهي، ان ڪري قوت اِرادي کي ڪاميابي جو بنيادي شرط قرار ڏنو ويندو آهي، نماز جو هي هڪ بهترين دنياوي فائدو آهي ته هن نيڪ عمل جي برڪت سان قوت اِرادي نهايت مضبوط ٿي ويندي آهي. ❁ نماز جو هڪ نهايت اهم فائدو اهو به آهي ته نماز هڪ حفاظتي قلعو آهي. اوهان کي خبر هوندي: دوا ٻه طرح جي هوندي آهي، هڪ ته عام دوا جيڪا بيمار جي بيماري کي ختم ڪندي آهي ۽ هڪ ويڪسين هوندي آهي، اها بيماري کي ختم به ڪندي آهي ۽ ان سان گڏوگڏ آئنده بيماري کي ويجهي اچڻ کان به روڪيندي آهي، نماز به ائين ئي آهي نماز اسان جي اندروني باطني بيمارين کي ختم به ڪندي آهي ۽ ان سان گڏوگڏ آئنده گناهن ۽ بيمارين کي اسان جي ويجهي اچڻ کان به روڪيندي آهي. اللہ پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

اِنَّ الصَّلٰوةَ تَنْهٰى عَنِ الْفَحْشَآءِ وَالْمُنْكَرِؕ | ترجمو ڪنزالايمان: بيشڪ نماز بي حيائي ۽ بري ڳالھ کان روڪي ٿي.

هي نماز جو اهم ترين فائدو آهي نماز نه صرف اسان جي منفي سوچ، منفي ڪردار، منفي اخلاق کي سڌاريندي به آهي ۽ ان سان گڏوگڏ اسان کي آئنده منفي ڳالهين، منفي سوچن ۽ منفي عادتن کان بچائي به وٺندي آهي.

## نماز اصلاح جو سبب آهي

هڪي ڀيري هڪ صحابي رَضِیَ اللہُ عَنْہ بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيو، عرض

**ڪيائين: يارسول الله** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ**! فلاڻو شخص رات ۾ تہ نماز پڙهندو آهي جڏهن صبح ٿيندي آهي چوري ڪندو آهي. پاڪ ڪريم** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **فرمايو: عنقريب ان جو هي عمل ان کي چوري کان روڪي وٺندو.**[1]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! نماز جا 6 شرائط، 7 فرض، 30 واجبات، 92 سنتون ۽ ڪيئي باطني آداب آهن، جيڪڏهن اسان انهن سڀني جو لحاظ رکي ڪري نماز ادا ڪيون تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! نماز اسان جي اخلاق ۽ ڪردار کي سنواري ڪري مثبت ۽ پرڪشش بڻائي ڇڏيندي. الله پاڪ اسان کي پنج ئي وقت نمازون پابندي سان مسجد جي پهرين صف ۾ تڪبير اوليٰ سان پڙهڻ جي توفيق نصيب ڪري.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (2) نماز جا طبي فائدا

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! طبي لحاظ کان بہ نماز جون ڪيئي برڪتون آهن. نماز جي برڪت سان انسان (1) دماغي (*Mental*) (2) اعصابي (*Neural*) (3) ۽ نفسياتي امراض(*Psychological Diseases*) (4) معدي جي اِلسر( *Stomach ulcers*). (5) شوگر(*Diabetes*) (6) فالج (*Paralysis*) (7) اکين ۽ ڳلي جي مرضن (*Eyes and Throat Diseases*)کان بہ محفوظ ٿي ويندو آهي. درست طريقي سان نماز جي ادائيگي ڪوليسٽرول (*Cholesterol*) جي مقدار کي نارمل (*Normal*) رکڻ جو هڪ مستقل ۽ متوازن ذريعو آهي. (8) نماز جي حالت ۾ قيام ۾ ڇيلهہ جي هڏي (*Backbone*) کي سڪون ملندو آهي. (9) ۽

---

[1] ... مسند امام احمد،جلد:4،صفحہ:658،حديث:10030

رڪوع ڪرڻ سان چيلهه جي سور(*Backache*) کان نجات ملندي آهي. (10) پيٽ جي سنڌن (11) معدي ۽ آنڊن جو نظام درست ٿيندو آهي. (12) ۽ پٽري نهڻ جو عمل سست ٿي ويندو آهي. (13) نماز سان گوڏن ۽ ٽونين جا جوڙ مضبوط ٿيندا آهن. (14) نماز گردن ۽ ڪلهن جي رڳن جي لاءِ بهترين ورزش (*Exercise*) آهي.

ہر عبادت سے برتَر عبادت نماز
ساری دولت سے بڑھ کر ہے دولت نماز

اے غریبو! نہ گھبراؤ! سجدے کرو!
دے گی برکت، مٹائے گی غربت نماز

صبر سے اور نمازوں سے چاہو مدد
پُوری کروائے ہر ایک حاجت نماز

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب        صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪجھ مزيد نيڪ اعمال جا دنياوي فائدا

اي عاشقانِ رسول! انهي طرح 72 نيڪ اعمال ۾ بقيه جيڪي نيڪ اعمال آهن انهن جا ڪيئي فائدا ۽ برڪتون آهن، مثلاً **نيڪ عمل نمبر 21 آهي: ڇا اڄ توهان فجر جي لاءِ جاڳايو؟** هن نيڪ ڪم تي عمل جي برڪت سان صبح صبح پيدل هلڻ جو موقعو ملندو آهي، جنهن جي برڪت سان صحت چڱي رهندي آهي. پيدل هلڻ مختلف قسم جي بيمارين (هارٽ اٽيڪ، فالج، لقوو، دماغي بيماريون، هٿ پير ۽ جسم جو سور، زبان ۽ ڳلي جون بيماريون، وات جا ڇالا، سيني ۽ ڦڦڙن جي بيمارين، سيني جي جلن، شوگر، هائي بلڊ پريشر، جگر ۽ پتي جي بيمارين وغيره) کان بچائي ٿو. هن سان وزن اعتدال ۾ رهي ٿو. هڏيون مضبوط ٿينديون ۽ تمام اعضاء بهتر طور تي ڪم ڪندا آهن.[1]

[1] ... صدائے مدینہ،صفحہ:16، 17 بتصرف

❁ نيڪ عمل نمبر 25 جي مطابق سفيد لباس پائڻ جي برڪت سان گرمي جي شدت ۾ گهٽتائي واقع ٿيندي آهي.[1]

❁ آمريڪا ۾ انساني صِحَّت جي متعلق ڪيل هڪ تحقيق جي مطابق لباس کي پيڏين (*Ankles*) کان مٿي لڙڪائڻ ۾ ورم(*Swelling*)، جگر جي اندروني ورم ۽ چريائپ کان حفاظت رهندي آهي. ❁ ڪالر(*Collar*) جي بغير قميص پائڻ سان دماغ ۽ اکين جي ڪمزوري(*Weakness*)، بي خوابي (*Sleeplessness*)، وارن جي کِرڻ ۽ چريائپ (*Insanity*) کان حفاظت رهندي آهي. انهي ڪري دماغ ۾ رت جي روانگي دماغي شريانن کان ٿيندي آهي ۽ ڪالر (*Collar*) کان انهن شريانن ۾ دٻاءُ وڌڻ جي ڪري رت جي گردش ۾ ڪمي واقع ٿي ويندي آهي.

ان کی سنَّت کا جو آئنہ دار ہے | بس وُہی تو جہاں میں سمجھدار ہے[2]

❁ **نيڪ عمل نمبر 27 جي مطابق ڏاڙهي شريف** رکڻ جي برڪت سان فولي ڪليٽس باربي (*Folliculitis barbae*) نامي بيماري کان عافيت رهندي آهي، هن بيماري جو خطرو شيو (*Shave*) جي دوران جِلد تي اچڻ واري زخم کان وڌي ويندو آهي. جڏهن سُنتِ رسول چهري تي سجائي هوندي ته هيءَ بيماري ويجهو به نه ايندي اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هن جي بدولت الرجي کان حفاظت رهندي آهي چوته ڏاڙهي ۾ مڇن جا وار ڌوڙ مٽي(*Dust*) ۽ پولن ذرات (*Pollen Grains*) کي پنهنجي طرف ڇڪي وٺندا آهن اهڙي طرح اهي نڪ ۽ وات ۾ ناهن وڃي سگهندا. چهري جا وار جِلد (*Skin*) کي سج جي الٽرا وائلٹ شعاعن کان بچائيندا

[1] ... گرمی سے حفاظت کے مدنی پھول،صفحہ: 10ماخوذاً
[2] ... وسائلِ بخشش،صفحہ:472۔

۾ جلد جي ڪينسر کان 90 کان 95 فيصد تائين تحفظ فراهم ڪندا ۽ دم (*Asthma*) جي جراثيمن کان ڦڦڙن (*Lungs*) جي حفاظت ڪندا آهن.

سبھی رُخ پہ اک مُشت داڑھی سجائیں | بنیں عاشِقِ مصطفےٰ یاالٰہی! (1)

❁ نيڪ عمل نمبر 31 جي مطابق مِسواڪ جي عادت بڻائڻ جون ٻه ڪيئي برڪتون آهن. سائنسي تحقيق (*Research*) مطابق مسواڪ جا ريشا بيڪٽيريا کي جُهڙ کان بنا براهِ راست ختم ڪري ڇڏيندا آهن ۽ ڏندن جي ڪيئي بيمارين کان بچائيندا آهن. هي ڏندن ۽ وات جي صفائي ۽ ڏندن جي مهارن جي صحت جو بهترين ذريعو آهي. آمريڪا ۾ ڏندن جي متعلق ٿيڻ واري هڪ نشت ۾ ٻڌايو ويو ته مسواڪ ۾ اهڙا مادا (*Substances*)هوندا آهن جيڪي ڏندن کي ڪمزوري کان بچائيندا آهن ۽ اهي تمام دوائون جيڪي ڏندن جي صفائي ۾ استعمال ٿينديون آهن، انهن سيني کان وڌيڪ فائديمند مسواڪ آهي.[2] مسواڪ سان حافظي جي قوت وڌندي، مٿي جو سُر پري ٿيندو ۽ مٿي جي رڳن کي سڪون ملندو آهي. ان کان علاوه نظر تيز، معدو درست ۽ کاڌو هضم ٿيندو آهي، عقل ۾ اضافو ٿيندو آهي، ٻارن جي پيدائش ۾ اضافو ٿيندو، پوڙهائپ دير سان ايندي ۽ پُٺي مضبوط ٿيندي آهي.[3]

یہ اکثر ساتھ اُن کے شانہ و مسواک کا رہنا | بتاتا ہے کہ دل ریشوں پہ زائد مہربانی ہے (4)

**وضاحت:** سرڪار مدينه، قرار قلب و سينه صَلَّي اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي عادتِ مبارڪ هئي ته ڪنگو ۽ مسواڪ شريف اڪثر پاڻ سان گڏ رکندا هئا، ڪنگي ۾ ڏند ۽

[1]... وسائلِ بخشش، صفحہ:104۔
[2] ... مسواک شریف کے فضائل، صفحہ:7بتصرف
[3] ... نماز کے احکام، صفحہ:72
[4]... حدائق بخشش، صفحہ:191۔

مسواڪ ۾ ريشا هوندا آهن، هن مان ثابت ٿئي ٿو تہ پاڻ صَلَّي اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ريشن يعني زخمي دل وارن سان محبت هئي.

۞ **نيڪ عمل نمبر** 33 **جي مطابق تهجد جي نماز پڙهڻ جي برڪت** سان پوڙهائپ دير کان ايندي ۽ چهرو نوراني ٿيندو آهي.

۞ **نيڪ عمل نمبر** 38 **جي مطابق سچ ڳالهائڻ جي برڪت سان جسماني ۽ دماغي صحت بهتر ٿيندي آهي،** هڪ رپورٽ ۾ چيو ويو آهي تہ ڪوڙ ڳالهائڻ انسان جي صحت کي متاثر ڪندو ۽ بي خوابي ۽ السر جو سبب بڻجندو آهي. ڪوڙ ڳالهائڻ وارا حقيقتن کي لڪائڻ جي ڪري نفسياتي دباءُ (***Depression***) جو شڪار ٿي ويندا آهن. لهٰذا سچ ڳالهائي ڪري انهن تمام آفتن کان بچي سگهجي ٿو.

حسد، وعدہ خِلافی، جھوٹ، چُغلی، غیبت و تہمت

مجھے ان سب گناہوں سے ہو نفرت یا رسولَ اللہ (1)

۞ **نيڪ عمل نمبر** 55 **جي مطابق عمامو شريف پائڻ** مٿي جي سور جي لاءِ تمام گهڻو مفيد آهي. هن سان دماغ کي تقويت ملندي ۽ حافظو مضبوط ٿيندو آهي. عمامو ٻڌڻ سان دائمي نزلو ناهي ٿيندو، جيڪڏهن ٿيندو بہ آهي تہ ان جا اثرات گهٽ هوندا آهن. عمامي شريف جو شملو حرام مغز کي موسمي اثرات مثلاً سردي گرمي وغيره کان تحفظ فراهم ڪندو آهي ۽ سرسام (يعني دماغ ۽ ورم) جي مرض جي خطرن ۾ گهٽتائي آڻيندو آهي.[2]

لباس اپنا سنّت سے آراستہ ہو
عمامہ ہو سر پر سجا یاالٰہی! (3)

---

[1] … وسائلِ بخشش، صفحه:332-
[2] 163 مَدَنی پھول،صفحه: 27
[3] … وسائلِ بخشش، صفحه: 104-

۞ **نيڪ عمل نمبر 62 جي مطابق هر سومر شريف جو روزو (يا رهجي وڃڻ جي صورت ۾ ڪنهن بہ ڏينهن) جو روزو رکڻ معدي جي** تڪليفن ۽ بيمارين ۾ مفيد آهي چوتہ روزو رکڻ سان هاضمي جو نظام بهتر، شوگر ليول، ڪوليسٽرول ۽ بلڊ پريشر ۾ اعتدال رهندو آهي، مزيد هي تہ دل جو دورو پوڻ جو خطرو بہ ناهي رهندو چوتہ روزي جي دوران خون جي مقدار ۾ ڪمي اچي ويندي آهي ۽ دل کي انتهائي فائديمند آرام پهچندو آهي. روزي سان جسماني چڪ، ذهني آڪيڙ، ڊپريشن ۽ نفسياتي مرضن جو خاتمو ٿيندو، ٿلهائپ ۾ گهٽتائي ۽ اضافي چربي ختم ٿيندي آهي. روزو رکڻ سان بي اولاد خواتين وٽ اولاد ٿيڻ جا امڪان وڌي ويندا آهن. [1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: نيڪ اعمال

پيارا اسلامي ڀائرو! هن پُرفتن دور ۾ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جو ديني ماحول الله پاڪ جي وڏي نعمت آهي، الحمدلله! دعوتِ اسلامي نيڪ، نمازي بڻائڻ واري، سڄي دنيا ۾ سنّتن کي عام ڪرڻ واري ديني تحريڪ آهي، توهان بہ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو! 12 ديني ڪمن ۾ خوب وڌي ڪري حصو وٺو! اِنْ شَآءَ الله الْكَرِيْم! دنيا ۽ آخرت جون بي شمار ڀلايون نصيب ٿينديون. ذيلي حلقن جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: نيڪ اعمال بہ آهي. هيءُ مختصر رسالو مڪتبةُ المدينہ کان طلب ڪيو ۽ چاهيو تہ دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ (www.dawateislami.net) تان ڊاؤن لوڊ ڪري وٺو بلڪ وڌيڪ آساني گهرو تا تہ پنهنجي موبائل ۾ *Naik Amal* ايپلي ڪيشن انسٽال ڪري وٺو، ان ۾ مختلف نيڪ اعمال تي

[1] ... تفسير صراط الجنان،پاره:2،سورة بقره،زيرِ آيت:184 ،جلد:1، صفحہ:293 بتصرف

مشتمل سوالات ڏنا ويا آهن، هر سوال جي هيٺان 30 خانا آهن، روزانو پنهنجي مرضيءَ جو ڪو به وقت مقرر ڪري پنهنجي اعمال جو جائزو وٺو، ۽ ان جي مطابق زندگي گذاريو، اِنْ شَآءَ الله الْكَرِيْم! ان جي برڪت سان گناهن کان بچڻ ۽ نيڪيون ڪرڻ جو ذهن بڻجندو، دل کي پاڪيزگي ملندي ۽ ڪردار صاف ستھرو، نکريل نکريل، خوبصورت ٿي ويندو. اچو! ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## پورو گهراڻو سُڌري ويو

ضلع اٽڪ (پنجاب، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءِ جو بيان آهي، مان گناهن ڀري زندگي گذاري رهيو هيس، فلمون ڏسڻ، آوارا گردي ڪرڻ، نمازون قضا ڪرڻ وغيره منهنجي معمولات ۾ شامل هو، هڪ ڀيري اسان جي علائقي ۾ عاشقانِ رسول جو مدني قافلو آيو، انهن مان هڪ اسلامي ڀاءِ مون کي مغرب جي نماز پڙهڻ ۽ بيان ۾ شرڪت جي دعوت ڏني، منهنجي خوش نصيبي جو مان انهن سان گڏ مسجد هليو ويس، مغرب کان بعد بيان ٻڌي ڪري وڏو لطف آيو، بيان جي آخر ۾ مبلغ نيڪ اعمال رسالي جو تعارف (*Introduction*) ڪرايو، رسالي نيڪ اعمال ۾ لکيل نيڪين ڀري زندگي گذارڻ جا مدني گُلَ ڏسي ڪري مون کي تمام گهڻي خوشي ٿي، ان رسالي جي صورت ۾ شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو اصلاحِ امّت جي لاءِ جذبو ڏسي ڪري مون هٿون هٿ بيعت جي لاءِ نالو ڏئي ڇڏيو ۽ عطاري بڻجي ويس، وقت جي ڪامل ولي سان نسبت جا ٿي، دل گناهن کان بيزار ۽ نيڪين جي طرف مائل ٿي وئي، مون گناهن کان توبهه ڪئي ۽ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول کي دل ۽ جان سان اپنائي ورتو، ان جي برڪت سان منهنجا اخلاق سنا ٿيڻ لڳا، منهنجي ان تبديلي جو منهنجي گهر وارن تي به چڱو اثر ٿيو، اَلْحَمْدُ لِلّٰه! آهستہ آهستہ پورو گهراڻو ئي قادري، رضوي، عطاري بڻجي ويو، گهر ۾ نمازن جي پابندي شروع ٿي

وئي، فلمون ڊراما، گانا باجا بند ٿي ويا ۽ گناهن ڀريل چينلز جي جڳهه مدني چينل هلڻ لڳو.

| | |
|---|---|
| خوب مَدنی قافِلوں کی دھوم ہو | نیک ہو امّت اے نانائے حسین! |
| مَدنی اِنعامات کی ہو ریل پیل | نیک ہو امّت اے نانائے حسین! |

نوٽ: دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ مدني انعامات کي هاڻي نيڪ اعمال چيو ويندو آهي.

## نيڪ اعمال موبائل ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪ بڻجڻ ۽ نيڪ اعمال ۾ اضافي جي لاءِ دعوتِ سلامي جي آئي ٽي ڊيپارٽمنٽ هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي: نيڪ اعمال (*Naik Amal*) **هي ايپلي ڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪريو، هن ايپلي ڪيشن ۾**: اسلامي ڀائرن، اسلامي ڀينرن ۽ طالبِ علمن جي لاءِ الڳ، الڳ، رسالا موجود آهن ❁ ان کي 6 مختلف زبانن ❁ انگريزي ❁ اردو ❁ هندي ❁ بنگالي ❁ گجراتي ۽ ❁ سنڌي ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو ❁ هن ۾ مختلف نيڪ اعمال تي مشتمل سوال ڏنا ويا آهن ❁ هر سوال جي هيٺ 30 خانا آهن، روزانو پنهنجي مرضي جو ڪوبه وقت مُقرر ڪري پنهنجي اعمال جو جائزو وٺو، هن جي مطابق زندگي گذاريو، اِنْ شَآءَ الله الْكَرِيْم ! هن جي برڪت سان گناهن کان بچڻ ۽ نيڪيون ڪرڻ جو ذهن بڻبو، دل جي پاڪيزگي ملندي ۽ ڪردار صاف سٿرو، نکريل ۽ خوبصورت ٿي ويندو.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجهه سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شَهنشاهِ نُبُوت صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان آهي:

مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِی فِی الْجَنَّۃ

يعني جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## شڪر ڪرڻ سُنّت آهي

2فرامينِ مصطفي صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ (1): الله ڪريم کي اها ڳالھ پسند آهي تہ ٻانهو هر گرهہ ۽ هر ڍڪ تي الله ڪريم جو شڪر ادا ڪري. (2): پنهنجون زبانون ذڪر سان ۽ دل شُڪر سان تر رکو!

اي عاشقان رسول! شُڪر ڪرڻ سُنّت آهي ❁ الله جي آخري نبي، رسولِ هاشِمي صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ڪثرت سان شڪر ڪندا هئا ❁ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ڪڏهن ناشڪري نہ ڪئي ❁ شڪر اعليٰ عبادت آهي ❁ شڪر ڪرڻ سان نعمت ۾ اضافو ٿيندو آهي ❁ مسلمان کي نعمت ملي، تہ شڪر ڪري، ان جي برڪت سان اِنْ شَآءَ الله! عذاب کان محفوظ رهندو

شڪر ڪرڻ جو طريقو: ❁ حضرت ابو بڪر شبلي رَحْمَۃُ اللہ عَلَیْہ فرمائن ٿا: نعمت کي ڏسڻ بدران، نعمت ڏيڻ واري تي نظر رکڻ شڪر آهي. مثلاً اوهان کي سيلري ملي، هي بہ نعمت آهي، امتحان ۾ پاس ٿيا، پٽ يا ڌيءُ جي ولادت ٿي، نماز جي توفيق ملي، روزو رکڻ جي سعادت ملي، صدقو ڏنو وغيره ڪا بہ نعمت ملي تہ

[1] ... مرشکاة الصابيح،کتاب الايمان،باب الاعتصام بالکتاب والسنة،الفصل الثانی،۱/۵۵،حديث:۱۷۵

هاڻي ان نعمت تي نگاھ نہ رکجي بلڪ سوچي: الله هي نعمت عطا ڪئي، نعمت جي نسبت پنهنجي طرف نہ ڪريو، الله پاڪ جي طرف ڪريو ❁ امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: نعمت سان نيڪي جو ارادو ڪرڻ **دِل جو شڪر** آهي. زبان سان الله پاڪ جي حمد ۽ ثناء ڪرڻ **زبان جو شڪر** آهي. الله ڪريم جي ڏنل نعمت کي عِبَادت ۾ خرچ ڪرڻ، ان کي گُنَاھ ۾ استعمال ٿيڻ کان بچائڻ **باقِي اعضاء** جو شڪر آهي .

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مکتبۃُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر بہ آهي.

الفتِ مصطفٰے اور خوفِ خدا
چاہئے گر تمہیں قافلے میں چلو
گر مدینے کا غم چاہئے چشمِ نَم
لینے یہ نعمتیں قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب      صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴾1﴿ جمع جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِکْ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ الْحَبِیْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِیْمِ الْجَاہِ وَعَلٰی اٰلِہٖ وَصَحْبِہٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴾2﴿ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِہٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. [2]

## ﴾3﴿ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّدٍ

---

[1] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## ﴾4﴿ ڇھ لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴾5﴿ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## ﴾6﴿ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

---

[1] ... القول البديع، الباب الثانی، ص277

[2] ... افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3] ... القول البديع، الباب الاول، ص3125

[4] ... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰہُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا ھُوَ اَھْلُہٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. [1]

## ﴿2﴾ چڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ الْحَلِیْمُ الْکَرِیْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰہِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِیْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو چڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. [2]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1]... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

[2]... ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455